أَلَآ إِنَّ أَوْلِيَاءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ

# رِسَالهُ مَعْصُومِيَه

(سنڌي)



ترجمه ـــــ از تصنيف

قبلة الابدال والاوتاد ، مرجع الاقطاب ، سلطان العارفين
عين العابدين ، برهان الملة والدين ، ملاذ العالمين ، قيوم دوران
عروة الوثقىٰ حضرت امام **مُحَمَّد معصُوم** رضى الله عنه

مترجم :- صاحبزاده حضرت حاجي حافظ محمد هاشم جان مجددي قدس سره

# ترجمہ

# رسالہ معصومیہ

مؤلف

حضرت قیوم الثانی خواجہ محمد معصوم قدس سرہ السامی

مترجم سال ۱۹۶۲ء

جناب فضیلت مآب مولانا حافظ حاجی محمد ہاشم جان

مجددی قدس اللہ سرہ العزیز

بقلم

حکیم حافظ حاجی بشیر المحمد ابڑو عفا عنہ الصمد

دار الشفا محمدیہ قریہ خود قریب ڈوکری ضلع

لاڑکانہ سنہ 5.5.1982

بہ الله —

هي ڪتاب پاڻهي زماني ۾ عاجز سندن کان نقل ڪيو هوم
تقريبًا ويهه سال اڳ لکيل آهي پنا ڦاٽي بوسيده ٿي ويا آهن 1962ع
تنهن ڪري نئين سر هي نئون جلد ٺهرائي دوباره لکان ته -
ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن مرشد ڪامل جي ڪنهن سعادتمند کي اهو شرف حاصل
ٿئي جو هو هتي لکيل مواد جو مطالعو ڪري صالح ۽ عامل ٿي
وڃي. ته مون کي دعاءِ خير سان ياد فرمائي -

والله المستعان وعليه التڪلان

بقلم حافظ حاجي بشير احمد ابڙو
5.5.1982

تعارف — هي ڪتاب بنام ترجمه رساله معصوميه حضرت قيوم ثاني خواجه
محمد معصوم مجددي قدس سره جن جي ڪتاب جو سنڌي ۾ ترجمو آهي
جيڪو حضرت والا شفقت سائين حافظ محمد هاشم جان مجددي ڪيو هو
پاڻ پنهنجي حياتي ۾ ترجمه جي صرف ڪاپي فيئر ڪرائي هئا ۽ احسان کي زندگي وفا نه ڪئي
هڪڙي فيئر ڪاپي سندن حوالي ڪئي وئي ۽ بيهي اهي ناظرين ڪرام جي خدمت
۾ آهي. پيش لفظ سائين حافظ صاحب جن جو لکيل آهي ۽ اصل ڪتاب جي
ڪان شروع آهي فقط

ڪنهن مسئلي جا پهرا پاڻ ٻنهي جي مرضي نه ٿا ڪري سگهن
حقيقت ۾ مسئلي جي اصلاح اهوئي ٿيندي خود نه سان ڪري سگهون ٿا
جنهن مسئلي جو تت آهي البته تمام اهو پيدا ٿئي ٿي ته عهد سعادت
۾ دنيا کي بهشت جو نمونو جنهن دعوت بنايو ته جنهن جي ڪاميابي تي
عالم متفق آهي ته اهڙو سونهري دور زماني جي اکين ورني نه
ڏٺو آهي..... (از حافظ محمد هاشم مجددي)

(اهي ڪان اڳتي اجماع تائيد لکيو هين جو به صفحي خالي ڇڏيل آهن
مگر هاڻي ته نه گل رهيو آهي نه گلستان ته نه ڪري فقط اهي لفظ
اعتنا ڪيا ويا جيڪي مرقوم هيا)

برڪت وارا الفاظ هون لکيا آهن -
حافظ [illegible]
4.5.82

# آغاز

بسم الله الرحمٰن الرحيم والصلواة والسلام على سيد المرسلين سيدنا محمد وآله واصحابه اجمعين -

اما بعد - هن رسالي ۾ هڪ مقدمو ۽ ڇهه فصل آهن مقدمي ۾ ذڪر ڪرڻ تي شوق ڏياريو ويو آهي ۽ جن ۾ ڪي ذڪر جون فضيلتون بيان ٿيل آهن سي ڏيکاريل آهن ۽ شريعت سڳوريءَ جي حڪمن موافق طاعت ۽ عبادتن جي ادا ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي

(١) پهرين فصل ۾ ذڪر جي ريتن جو بيان آهي ۽ هر هڪ ذڪر جي فضيلت جو ذڪر آهي

(٢) ٻئي فصل ۾ اهي دعائون يا ذڪر بيان ڪيل آهن جيڪي صبح ۽ شام جي وقت سان مخصوص آهن ۽ سمهڻ جي وقت جون دعائون ۽ آداب ڏسيل آهن.

(٣) ٽئين فصل ۾ نماز جون دعائون ۽ آداب ٻڌايل آهن

(٤) چوٿين فصل ۾ جماعت ۽ جمع جون فضيلتون ڏيکاريل آهن.

(٥) پنجين فصل ۾ اهي دعائون ۽ ذڪر آهن جيڪي ڪنهن خاص وقت سان مخصوص نه آهن.

(٦) ڇهين فصل ۾ اهڙيون نصيحتون ۽ فائدي واريون ڳالهيون سمجهايل آهن جن جو پڙهڻ تمام ضروري آهي

"سمجهاڻي"

هن رسالي ۾ جيڪي حديثون بيان ڪيل آهن سي خاص طرح تلاش ڪري حديث شريف جي معتبر ڪتابن مان ورتل آهن جن جا نالا هيٺ لکجن ٿا. جامع الاصول - مشڪواة شريف - حصن حصين -

غاية العمال - ترغيب وترهيب - جمع الجوامع - معن تن
انهن حديثن تي ڪا به جرح نه ڪئي آهي ۽ جن ڪتابن ڪتيڪا جرح
ڪئي آهي ته ان جو به بيان ڪيو ويو - ته هن رسالي جون سڀ
حديثون پوري اعتماد ۽ ڀروسي جهڙيون آهن -

جنهن صورت ۾ هي رسالو مختصر جوڙيو ويو آهي تنهن ڪري
حديثن جو سندون ۽ ڪتابن جا نالا ۽ ذڪرن جون فضيلتون
جيڪي ڏنل آهن اسان انهن جي بنيادي رسالي ۾ فضائل اعمال ۽
اذڪار جي تفصيل سان لکيو آهي اهو رسالو مطول ۾ ڇپيو آهي.
جيڪڏهن تفصيل جي ڏسڻ جو اوهان کي شوق هجي ته پوءِ ان
رسالي جو مطالعو ڪندا - انتهى

( از حضرت قيوم ثاني )
(خواجه محمد معصوم ولد حضرت امام رباني)
(مجدد الف ثاني قدس سرهما)

حديث شريف - اي الله جا ٻانهن الله تعالى جو ذڪر ڪندا ڪريو قيامت اچڻ تائين ڪئي آئڻي ...

حديث شريف - اهو ذڪر جنهن کي حفاظت ڪندڙ ملائڪ به نه ٿا ٻڌن سو اهڙي ذڪر کان سٺ ڀيرا وڌيڪ فضيلت رکي ٿو جنهن کي اهي ملائڪ ٻڌن ٿا.

حديث شريف - حضرت جن فرمايو آهي ته الله تعالى کي دل ۾ ياد ڪريو عرض ڪيو ويو ته ڪهڙي طرح فرمايائون ته ذڪر خفي ڪريو

حديث شريف - ذڪر جي سڀني قسمن ۾ ذڪر خفي سڀ کان افضل آهي ۽ رزق جي سڀني قسمن ۾ اهو ڀلو آهي جو ڪفايت ڪري هجي

حديث شريف - الله تعالى جو اڪيلو ذڪر ڪرڻ اهڙو آهي جيئن ڪو شخص اڪيلو ڪافرن سان جنگ ڪري ٿو.

حديث شريف - حضرت جن فرمايئن ٿا ته صبح جي نماز کان پوءِ سج اڀرڻ تائين جو مان ڪنهن جماعت سان ويهي الله تعالى جو ذڪر ڪريان سو مون کي ساري دنيا کان وڌيڪ پسند آهي. ۽ عصر جي نماز کان پوءِ جو ڪنهن جماعت سان ويهي سج لهڻ تائين الله تعالى جو ذڪر ڪريان سو مون کي ساري دنيا ۽ دنيا جي هر شيءِ کان وڌيڪ پسند آهي

حديث شريف - جيڪو شخص الله تعالى جي فرمان برداريءَ ۾ رهي سو تحقيق ته الله تعالى جو ذڪر ڪري رهيو آهي توڙي ته ان جون نمازون - روزا - تلاوت قرآن شريف گهٽ هجي ۽ جيڪو شخص الله تعالى

